# بهتر ڪير؟

## 11-May-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

11 مئي، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بهتر ڪير؟

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... چڱائي ۽ برائي جو معيار شريعت آهي
- ... ماڻي ڪارائڻ جو ثواب گناهن تي غالب اچي ويو
- ... ناپاڪ دل قربِ الٰهي جي قابل ناهي
- ... قرض واپس ڪرڻ جي دلچسپ حڪايت
- ...الله پاڪ سان خوف ۽ اميد ڪهڙي هجڻ گهرجي؟

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبه بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرتِ حَفص بن عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي ته مون اِمام اَلْمُحَدِّثِين حضرتِ اَبُو زُرعَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سندن وَفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ته هو پهرين آسمان تي ملائڪن کي نماز پڙهائي رهيا آهن. مون پڇا ڪئي: اي اَبُو زُرعَہ! اوهان کي اهو اِعزاز ۽ مرتبو ڪيئن مليو؟ انهن اِرشاد فرمايو: ”مون پنهنجي هٿ سان ڏهه (10) لک حَديثون لکيون آهن ۽ مان هر حديث ۾ عَنِ النَّبِيِّ کان بعد دُرود پاڪ پڙهندو هئس ۽ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي ته جيڪو مُسَلمان هڪ ڀيرو مون تي دُرُود شريف موڪليندو آهي ته الله پاڪ ان تي ڏهه رَحمتون نازِل ڪندو آهي“.[1]

بیٹھتے اٹھتے جاگتے سوتے
ہو الٰہی مرا شعار درود

شہر یارِ رُسُل کی نذر کروں
سب درودوں کی تاجدار درود[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... تاريخِ بغداد، جلد:10، صفحه:334 ملتقطاً۔

[2] ...ذوقِ نعت، صفحه:124۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عزت جو معيار تقوٰي آهي

صحابي ابن صحابي **حضرت عبد الله بن عباس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مڪي جي فتح واري ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مؤذن حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو ته اهو ڪعبي شريف جي ڇت تي بيهي ڪري آذان چئي، سو حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حڪم تي عمل ڪيو (حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حبشه سان تعلق رکندڙ هو سندن رنگ مبارڪ به گورو نه هو ۽ کين مڪي مڪرمه ۾ ئي ڪافي عرصو غلامي جي زندگي به گذاري چڪو هو)، تنهنڪري کين ڪعبي شريف جي ڇت تي بيهي ڪري آذان ڏيندي ڏسي ڪري مڪي پاڪ جي ڪجھ سردارن سندن متعلق نازيبا گفتگو ڪئي. هيڏي هي مڪي پاڪ جا سردار نازيبا گفتگو ڪري رهيا هئا، هوڏانهن حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي

[1]... مسند فردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895.

ان جي خبر ڏني، رسولِ اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سيني کي گهرائي ورتو ۽ پڇيو: ڇا توهان بلال جي باري ۾ اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن. انهن سيني اقرار ڪيو تہ هائو! اسان اهي ڳالهيون ڪيون آهن. ان موقعي تي سيپاري: 26، سورت حجرات جي هيءَ آيت مبارڪ نازل ٿي، الله پاڪ فرمائي ٿو:[1]

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَ جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿۱۳﴾

(پاره :26 ، سورة حجرات:13)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي انسانو! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان کي ذاتيونءِ پاڙا ڪيوسون تہ جيئن توهان پاڻ ۾ سڃاڻپ رکو، بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله ڄاڻڻ وارو خبردار آهي.

علّامہ قرطبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت ڪريمہ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن آيت ڪريمہ ۾ الله پاڪ مڪي وارن کي نسب تي فخر ڪرڻ، مال جي ڪثرت چاهڻ ۽ غريبن جو مذاق اڏائڻ تي ڇڙٻيو ۽ ويو ۽ ٻڌائي ڇڏيو تہ سڀئي انسان حضرت آدم و حضرت حوا عَلَيْهِمَا السَّلَام جا اولاد آهن، فضيلت جو معيار (رنگ، روپ، نسب ۽ مال ناهي) بلڪ تقوٰي آهي. (2)

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا

کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] … تفسيرِ قرطبی،پاره:26 ،سورهٔ حجرات،زيرِ آيت:13 ،جز:10 ،جلد:8 ،صفحه:211۔
[2] …تفسيرِ قرطبی،پاره:26 ،سورهٔ حجرات،زيرِ آيت:13 ،جز:10 ،جلد:8 ،صفحه:211۔

# چڱائي برائي جو معيار شريعت آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيت ڪريمه ۾ هن جي شانِ نزول مان معلوم ٿيو ته چڱائي برائي ڪاميابي ناڪامي، بهتري ۽ بدتري جو معيار رنگ روپ، نسل و نسب ۽ مال ۽ دولت وغيره ناهي بلڪ ان جو معيار تقوٰي آهي، هي هڪ اصول هميشه ياد رکو! چڱائي ۽ برائي عقلي ناهي بلڪ شرعي آهن. يعني چڱائي ڇا آهي، برائي ڇا آهي؟ اها ڳالهه اسان عقل سان طئي نٿا ڪري سگهون، چڱائي برائي جو معيار شريعت آهي، جنهن کي اللّٰه پاڪ ۽ سندن پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ چڱو فرمائن، اهو چڱو، جنهن کي اللّٰه سندن رسول برو چئي اهو يقينًا برو آهي.

اڄڪلهه اسان وٽان چڱائي ۽ برائي جا معيار بدلجي ويا آهن ❁ انسان ڪمائي گهڻو ٿو؟ ❁ ڪم ڪهڙو ڪندو آهي؟ ❁ ان جو ڪٽنب ڪهڙو آهي؟ ❁ ڪيترو پڙهيل لکيل آهي؟ ❁ انگلش ڪيتري ڳالهائي سگهي ٿو؟ ❁ گاڏي ڪهڙي اٿس؟ وغيره هن طرح جي شين سان انسان جي چڱي يا بري هجڻ جي پهچان ڪئي ويندي آهي. حالانڪ چڱائي برائي جو معيار اهي شيون ناهن بلڪ چڱائي برائي جو معيار انسان جو ڪردار آهي، مان چڱو آهيان يا برو، ان جو فيصلو اللّٰه پاڪ ۽ ان جا پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائيندا، ان لاءِ مون کي پنهنجو پاڻ کي شريعت جي آئيني ۾ ڏسڻو پوندو، قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ پنهنجي ڪردار، پنهنجي گفتار، پنهنجي افعال و اخلاق جو جائزو وٺڻو پوندو.

اسان مان ڪير چڱو آهي؟ ڪير بهتر آهي؟ ڪائنات جي سڀ کان بهترين، سڀ کان بلند رتبه، سڀ کان افضل و اعلٰي يعني اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جيڪي اللّٰه پاڪ جا به محبوب آهن، سندن نگاهِ نبوت ۾ ڪير سڀ کان بهتر آهي؟ اچو! هن جي باري ۾ چند حديثون ٻڌون ٿا، هن حديثن جي روشني ۾ اسان کي پنهنجو جائزو وٺڻو آهي، جيڪڏهن اسان هنن فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مطابق بهترين انسان آهيون ته ان تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻو آهي ۽ جيڪڏهن الله نه ڪري ائين ناهي ته، اسان بهترين ناهيون ته اسان کي هنن حديثن کي اپنائي ڪري بهترين بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي.

اچو! مبارڪ حديثون پڙهون ٿا:

## (1) : کاڌو کارائڻ، سلام جو جواب ڏيڻ

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خِيَارُكُمْ مَنْ اَطْعَمَ الطَّعَامَ وَ رَدَّ السَّلَامَ يعني توهان سڀني ۾ بهتر اهو آهي جيڪو کاڌو کارائي ۽ سلام جو جواب ڏي.[1]

هن حديث مان خبر جيڪو مسلمان ماڻهن کي کاڌو کارائيندو ۽ سلام جو جواب ڏيندو آهي اهو سڀني کان بهتر آهي.

## کاڌو کارائڻ جنتن وارو عمل آهي

الله پاڪ سوره دهر جي آيت نمبر 8 ۾ اهل جنت اوصاف مان هڪ وصف هي به بيان ڪيو فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا<br>(پاره:29، سورۃ دهر:8) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ کاڌو کارائيندا آهن ان جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي کي. |

صدرُالافاضِل حضرت علّامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان لکن ٿا: يعني اهڙي حالت ۾ جڏهن ته پاڻ ان کي کائڻ جي حاجت و خواهش هجي ۽ ڪجهه مفسرن انهن جا هي معنٰي ورتا آهن ته الله پاڪ جي محبت ۾ کارائيندا آهن.[2]

---

[1] … مسند امام احمد، جلد:9، صفحہ:702، حديث:24652۔
[2] … تفسيرِ خزاين العرفان،پاره:29، سورۃ دهر،زيرِ آيت:8، صفحہ:1073۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! خبر پئي: پنهنجي واهه واهه جي لاءِ نه، ماڻهن کي ڏيکارڻ، اخبارن، پوسٽرن تي تصويرون لڳائڻ ۽ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ جي لاءِ نه بلڪ جيڪو ٻانهو رڳو الله جي محبت ۾، ان جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين کي کاڌو کارائيندو آهي، اهو جنت وارن جو وصف اپنائڻ وارو آهي.

## جنتي تهه خانو

حضورِپاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنت ۾ هڪ اهڙو تهه خانو آهي جنهن جو ٻاهر اندران ۽ اندر ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندو آهي، اهو تهه خانو الله پاڪ انهن جي لاءِ تيار ڪيو آهي جيڪي(محتاجن کي) کاڌو کارائين ٿا.[1]

## جنت جي خوشخبري

حضرت عبد الله بن سلام رَضِیَ اللّٰه عَنْه فرمائن ٿا: مون مديني پاڪ ۾ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زبان مان سڀ کان پهريان جيڪو ڪلام ٻُڌو اهو هي هو يَاَيُّهَا النَّاسُ! اي انسانو! اَفْشُوا السَّلَامَ سلام کي عام ڪيو! وَاَطْعِمُوا الطَّعَامَ کاڌو کارايو! وَصَلُّوْا بِالَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَامٌ ۽ رات جو جنهن وقت ماڻهو سمهي رهيا هجن، ان وقت نماز پڙهو تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ بِسَلَامٍ (توهان اهي ڪم ڪندؤ ته) سلامتي سان جنّت ۾ داخِل ٿي ويندؤ.[2]

## ماني کارائڻ جو ثواب گناهن تي غالب اچي ويو

اي عاشقانِ رسول! ❁ بکايلن کي کاڌو کارائڻ ❁ اجايلن کي پاڻي پيارڻ ❁غريبن جي ڪم اچڻ ❁ نهايت ثواب جو ڪم آهي، شُعَبُ الْاِيمان ۾ آهي: اڳوڻين امتن ۾ هڪ عبادت گذار هو، اهو سٺ سالن تائين الله پاڪ جي

---

[1] ... مسند امام احمد،جلد:9 ،صفحه:389 ،حديث:23553۔
[2] ... ترمذی،کتاب صفة القيامة و الرقائق و الورع ،صفحه:589 ،حديث:2485۔

عبادت ڪندو رهيو، پوءِ هڪ عورت ان وٽ آئي تہ اهو ان عورت وٽ آيو ۽ 6 راتيون ان سان گڏ رهيو، جڏهن ان کي پنهنجي هن عمل تي ندامت ٿي تہ اهو ڊوڙندو مسجد ڏانهن آيو. اتي ان ڏٺو تہ 3 بکايل شخص مسجد ۾ پناهہ ورتل آهن، سو ان هڪ ماني ٽوڙي ڪري اڌ ساڄي طرف واري ۽ اڌ کاٻي طرف واري کي ڏئي ڇڏي. ان کان بعد الله پاڪ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو جنهن هن عبادت گذار جي روح قبض ڪري ڇڏي. جڏهن ان جي ميزان جي هڪ پلڙي ۾ 60 سال جي عبادت رکي وئي ۽ ٻئي پلڙي ۾ 6 ڏينهن جا گناهہ تہ اهي گناهہ عبادت تي غالب اچي ويا پر جڏهن ماني رکي وئي تہ اها انهن گناهن تي غالب اچي وئي.[1]

ہم نے مانا کہ گناہوں کی نہیں حد لیکن | تو ہے اُن کا تو حسن تیری ہے جنت تیری

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪاڏو ڪارائڻ جيان سلام جو جواب ڏيڻ بہ بهترين انسان هجڻ جي علامت آهي. افسوس! اڄڪلهہ هن معاملي ۾ ڏاڍي سستي ۽ لاپرواهي ڪئي ويندي آهي، اوّل تہ هاڻي سلام ڪيون ئي ڪڏهن ٿا؟ ❁ هيلو ❁ هاءِ ❁ گڊ مارننگ وغيره چئي ڇڏيندا آهيون، حالانڪ اهو اسلامي سلام ناهي، اسلامي سلام اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه چوڻ آهي. جڏهن بہ ڪنهن سان ملاقات ٿئي تہ اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه چئو اِنْ شَآءَ اللّٰه ثواب ملندو.

## پياري آقا ﷺ اسلامي سلام سيکاريو

صحابي رسول حضرت ابو راشد عبد الرحمٰن رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان ننڍو هئس، هڪ ڀيري پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ مون چيو: اَنْعِمْ صَبَاحاً (اهو عربي آهي، هن جو انگلش ترجمو بڻجندو: *Good Morning*) يعني

[1] ... شُعَبُ الْاِيمان،جلد:3 ،صفحہ:262،حديث:3488۔

صبح بخير. رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اهو تہ مسلمانن جو سلام ناهي، جڏهن توهان ڪنهن وٽ وڃو تہ چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ [1]

## سلام جو جواب ڏيڻ واجب آهي

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اهو آهي اسلامي سلام...!! جڏهن بہ ڪنهن سان ملاقات ٿئي تہ انهيءَ جيان سلام ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن ڪو سلام ڪري تہ ان ڪي جواب بہ لازمي ڏيو ۽ ياد رکو! سلام جو جواب ڏيڻ يڪدم ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي.

سلام جون وڌيڪ سنتون ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ڪتاب "500سنتون ۽ آداب" پڙهي وٺو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) بهترين شخص اهو جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جيڪو پاڻ قرآن سکي ۽ ٻين کي سيکاري.[2]

سُبْحٰنَ الله! اهو آهي بهترين انسان جيڪو قرآن سکي بہ ٿو ۽ ٻين کي سيکاري بہ ٿو، هاڻي اسان مان هر هڪ غور ڪري ❁ ڇا مان قرآن ڪريم درست تجويد سان، درست مخارج سان، عربي لهجي ۾ پڙهڻ سکي ويو آهيان؟ قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ مون کي ڪهڙا احڪام ڏنا آهن ❁ ڪهڙن ڪمن کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي؟ ڇا مان اهو سڀ ڪجهہ سکي چڪو آهيان؟ ❁ جيڪڏهن

---

[1]...الکنی و الاسماء،جلد:1 ،صفحہ:56،حديث:217 ملتقطًا۔
[2] ... بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خيرکم من تعلم القرآن وعلمہ،صفحہ:1299،حديث:5027۔

سکي چڪو آهيان يا سکڻ جي ڪوشش ۾ آهيان ته چا اهو سکيل، ٻين کي سيکاري به رهيو آهيان؟ جيڪڏهن ضمير ها ۾ جواب ڏي ته الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو! جيڪڏهن جواب نه ۾ اچي ته اڄ ئي کان قرآن ڪريم سکڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ شروع ڪري ڏيو!

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول! جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت قرآن پاڪ جي تعليمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ هزارين مدرسة المدينہ بالغان جي ترڪيب ٿيندي آهي. جنهن ۾ وڏي عمر جا اسلامي ڀائر صحيح مَخارِج سان حُروف جي دُرُست اَدائيگي سان قرآنِ ڪريم سکندا ۽ دُعائون ياد ڪندا آهن، نمازون وغيره دُرُست ڪندا ۽ سُنّتن جي تعليم مُفْت حاصل ڪندا آهن. اوهان به مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ جي نيت ڪري دنيا ۽ آخرت جون ڪوڙ ڀلايون حاصل ڪيو.

## جيڪو سکي سگهندو هجي ضرور سکي

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: بلا شبہ اهو قرآن ڪريم الله پاڪ جي طرفان دعوت آهي تنهنڪري جيڪو هن مان سکڻ جي ڪجهه طاقت رکي ٿو ان کي گهرجي ته هن مان ڪجهه سکي ڇوته ڀلائي کان خالي سڀ کان وڌيڪ اهو گهر آهي جنهن ۾ ڪتاب الله مان ڪجهه نه هجي اهو ان ويران گهر جيان آهي جنهن کي ڪو آباد ڪرڻ وارو نه هجي، بيشڪ شيطان ان گهر مان ڀڄي ويندو آهي جنهن ۾ سورت بقره جي تلاوت ٻڌندو آهي.[1]

## ملائڪ استغفار ڪندا آهن

تابعي بزرگ حضرت خالد بن مَعْدان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قرآن جي پڙهڻ ۽ ان جي سکڻ واري جي لاءِ سورت ختم ٿيڻ تائين ملائڪ استغفار ڪندا رهندا آهن انڪري جيڪڏهن توهان مان ڪو سورت پڙهي ته ان جون به آيتون ۽

[1] ... مصنف عبد الرزاق ، باب تعليم القران و فضله،جلد:3 ،صفحه:225،حديث:6018۔

ڏينهن جي آخري حصي ۾ ان کي ختم ڪري ته جيئن ڏينهن جي شروع کان آخر تائين پڙهڻ پڙهائڻ واري جي لاءِ ملائڪ استغفار ڪندا رهن.[1]

## ماڻهن مان سڀ کان چڱو ڪير آهي

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيري منبر مبارڪ تي جلوو فرما هئا ته هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: **يارسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! **ماڻهن مان سڀ کان چڱو ڪير آهي؟ فرمايائون: ماڻهن مان اهو شخص سڀ کان چڱو آهي جيڪو ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري.**[2]

## هي خوشبوئون ڪهڙيون آهن؟

حضرت امام ابنِ ابي الدنيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت مغيره بن حبيب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان روايت ڪئي ته هڪ قبر مان خوشبو ايندي هئي. ڪنهن صاحبِ قبر کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: اهي خوشبوئون ڪهڙيون آهن؟ جواب ڏنائين: تلاوت قرآن ۽ روزي جون.[3]

## توهان سيني مان بهترين اهي آهن جيڪي پاڪيزه دل سچي زبان وارا آهن

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهن مان بهترين اهي آهن جيڪي قلبِ مَحموم ۽ سچي زبان جا مالڪ آهن، جڏهن **قلبِ محموم** جي باري ۾ پڇيو ويو ته سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ان مان مراد اها دل آهي جيڪا سرڪشي، حسد ۽ ٻين گناهن کان پاڪ هجي، عرض ڪيو ويو: اهڙي دل ڪنهن جي تي سگهي ٿي رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو شخص

---

[1] دارمی،کتاب فضائل القرآن،باب فضل من قرا القرآن،صفحہ:1013 ،حدیث:3319 ۔

[2] ... مسند امام احمد،جلد:11 ،صفحہ:290 ،حدیث:28196۔

[3] وسوعۃ الامام ابن ابی الدنیا، جلد:1 ،صفحہ:305 ملتقطاً ۔

دنيا ڪان نفرت ۽ آخرت سان محبت ڪري، پوءِ عرض ڪيو ويو: اهڙو شخص ڪير ٿي سگهي ٿو؟ فرمايو: اهو مومن جيڪو حسنِ اخلاق جو مالڪ هجي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو حسن اخلاق تمام گهڻين سعادتن جي چابي آهي جيئن ته هن حديث پاڪ ۾ بيان ڪيو ويو ته حسن اخلاق جتي تمام گهڻن ڪبيره گناهن کان پاڪ رهڻ جو سبب آهي اتي حسنِ اخلاق دنيا کان نفرت ۽ آخرت جي محبت جو به ذريعو آهي. الله پاڪ اسان کي سچي زبان ۽ قلبِ محموم جهڙي نعمت عطا ڪري پنهنجي بهترين ٻانهن ۾ شامل ڪري.

## ناپاڪ دل قربِ الٰهي جي قابل ناهي

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هر شيءِ جو گندو ڪچرو مختلف هوندو آهي. دل جو ڪچرو هي شيون آهن جنهن سان دل ميرو ٿيندو آهي، پوءِ جيئن ناپاڪ بدن هن مسجد ۾ اچڻ جي قابل ناهي ائين ئي ناپاڪ دل مسجد قربِ الٰهي جي قابل ناهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:[2]

اِلَّا مَنْ اَتَى اللّٰهَ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿۸۹﴾
(پاره:19 ، سورة شعراء:89)

ترجمو ڪنزالعرفان: پر اهو جيڪو الله جي حضور حاضر ٿيو دل جي سلامتي سان.

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ❁ حلال ڪمائي سان عبادت ۾ لذت ❁ دل ۾ بيداري ❁ اکين ۾ تري ❁ دعا ۾ قبوليت پيدا ٿيندي آهي. جيڪو انسان مقبول الدعا بڻجڻ چاهي اهو حلال رزق ۽ زبان سچي رکي، حلال ڪمائي اها جيڪا حلال ذريعن سان اچي.[3]

---

[1] ... شُعَبُ الْاِيْمان ، باب فی حفظ اللسان،جلد:4 ،صفحه:205 ، حديث : 4800 ملتقطًا۔
[2] ... مراٰة المناجيح،جلد:7 ،صفحه:50۔
[3] ... مراٰة المناجيح،جلد:7 ،صفحه:95۔

حضرت عبد اللّٰه بن عمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنۡہُما فرمائن ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائيندا هئا: اِنَّ مِنۡ خِیَارِکُمۡ اَحۡسَنَکُمۡ اَخۡلَاقاً يعني توهان مان بهترين شخص اهو آهي جنهن جو اخلاق چڱو آهي.[1]

## بهترين اخلاق وارو ڪير؟

مسلمانن جا چوٿان خليفہ حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: ڇا مان توهان کي دنيا و آخرت ۾ سڀ کان بهترين اخلاق واري جي باري ۾ نہ ٻڌايان؟ جيڪو توهان کان تعلق ٽوڙي توهان ان کان تعلق جوڙيو ۽ جيڪو توهان کي محروم ڪري ان کي عطا ڪيو ۽ جيڪو توهان تي ظلم ڪري ان کي معاف ڪيو.[2]

## ڊگهي عمر هجڻ ۽ اخلاق چڱا هجڻ بهترين نشاني آهي

حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا مان توهان مان بهترين جي خبر نہ ڏيان؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہ عرض ڪيو: چو نہ! فرمايو: توهان مان بهتر اهي آهن جن جون عمرون ڊگهيون ۽ اخلاق چڱا هجن.[3]

## ڊگهي عمر ۽ رزق ۾ ڪشادگي ماڻڻ جو مدني نسخو

حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي رزق ۾ ڪشادگي ۽ عمر ۾ اضافو پسند ڪري تو ان کي گهرجي تہ اهو پنهنجي رشتيدارن سان تعلق جوڙي رکي.[4]

اللّٰه پاڪ اسان کي نيڪين ڀري زندگي عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم .

[1] ... بخاری، کتاب المنا قب، باب صفة النبی،صفحہ:907،حدیث:3559۔
[2] ... معجمِ اوسط،جلد:4 ،صفحہ:160 ،حدیث:5567۔
[3] ... مسند امام احمد ،جلد:4 ،صفحہ:26 ،حدیث:7413۔
[4] ... مسلم، کتاب البر و الصلة، با ب صلة الرحم ،صفحہ:993 ،حدیث:2557۔

## (4) بهتر اهو شخص آهي جيڪو الله پاڪ جي طرف سڏي

حضور اڪرم صَلَّى اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: خِيَارُ اُمَّتِیۡ مَنۡ دَعَا اِلَی اللہِ تَعَالٰی وَحَبَّبَ عِبَادَهٗ اِلَيۡهِ يعني منهنجي امت ۾ بهتر اهو شخص آهي جيڪو الله پاڪ جي طرف سڏي ۽ ماڻهن کي الله پاڪ جو محبوب بڻائي.[1]

## (5) توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو نماز ۾ نرم ڪلهي وارو هجي

حضور اڪرم صَلَّى اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يعني توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو نماز ۾ نرم ڪلهي وارو هجي.[2]

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪو شخص ضروري طور هڪ نمازي کي اڳتي پوئتي هٽائي ته هٽي وڃي يا جيڪڏهن ڪو ان کي نماز ۾ سڌو ڪري ته سڌي ٿي وڃي يا جيڪڏهن ڪو صف جي ڪشادگي بند ڪرڻ جي لاءِ وچ ۾ اچي ڪري بيهي وڃي ته اهو بيهڻ ڏي ، ڪجھ شارحين فرمايو ته ڪلهي جي نرمي مان عجز و انڪسار، خشوع و خضوع مراد آهي پر پهرين معنٰي وڌيڪ مضبوط آهي.[3]

## پنهنجون صفون سِڌيون رکو

رسول اڪرم صَلَّى اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجون صفون سِڌيون ڪريو ڇوته صفون سِڌيون ڪرڻ نماز قائم ڪرڻ مان آهي [4]

---

[1] جامع صغير ،صفحہ:243 ،حديث:3979۔
[2] ... ابو داؤد ،كتاب الصلاة ،باب تسوية الصفوف ،صفحہ:118 ،حديث:672۔
[3] ... مرآۃ المناجيح،جلد:2 ،صفحہ:187۔
[4] بخاری، کتاب الاذان، باب اثم من لم يتم الصفوف،صفحہ:239 ،حديث:723

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ربّ ڪريم فرمايو:

| | |
|---|---|
| يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ (پاره :1، سورة بقرة:3) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ نماز قائم ڪيو |

يا فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ (پاره :1، سورة بقرة:3) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ نماز قائم رکو |

هن مان مراد آهي نماز صحيح پڙهڻ ۽ نماز صحيح پڙهڻ ۾ صف جو سِڌو ڪرڻ بہ داخل آهي جو ان جي بغير نماز ناقص آهي.[1]

## شيطان صفون گِهڙي ويندو آهي

نبي پاڪ صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجون صفون سِڌيون ڪريو، انهن ۾ نزديڪي ڪيو، پنهنجا ڪلها ڪلهي سان ملائي رکو، ان جي قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي مان شيطان کي صفن جي ڪشادگي ۾ ٻڪري جي ٻار جيان گهڙندي ڏسان ٿو.[2]

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: معنيٰ هي ٿي تہ نماز جون صفون سِڌيون بہ رکو ۽ انهن ۾ ملي ڪري بہ بيهو جو هڪٻئي جا ڪلها پاڻ ۾ مليل هجن. صفون قريب رکو هن طرح جو 2 صفن جي درميان ٻي صف نہ ٿي سگهي يعني صرف سجدي جو فاصلو رکو، نمازِ جنازه ۾ چوتہ سجدو ناهي هوندو انهي ڪري اتي صفن ۾ هن کان بہ گهٽ فاصلو گهرجي.

---

[1] ... مرآۃ المناجيح،جلد:2، صفحہ:183

[2] ... ابوداؤد، كتاب الصلاة، باب تسوية الصفوف،صفحہ:117،حديث:667

# صفن ۾ گھِڙڻ وارو شيطان

مفتي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي هن حصي ”**شيطان ڪي صفن جي ڪشادگي ۾ ٻڪري جي ٻار جيان گهڙندي ڏسان ٿو.**“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: خِنزَب شيطان جيڪو نماز ۾ وسوسو وجهي ٿو اهو صف جي ڪشادگي ۾ ٻڪري جي ٻار جي شڪل ۾ داخل ٿي نمازين کي وسوسو وجهندو آهي. هن مان ٿي مسئلا معلوم ٿيا: هڪ هيءُ تہ شيطان مختلف شڪلون اختيار ڪري سگهي ٿو، ڏسو هن شيطان جي شڪل پنهنجي تہ ڪجهہ ٻي آهي پر اُن وقت ٻڪري جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو. ٻيو هي تہ ربّ تعاليٰ حضور انور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اها طاقت بخشي آهي جو خالق ڪائنات جي طرف متوجهہ ٿيندي بہ هر مخلوق تي نظر رکن ٿا. ٽيون هي تہ جڏهن شيطان جهڙي غيبي مخلوق سندن نگاهہ کان غائب ناهي تہ انسان ڀاڻ کان ڪيئن ٿا لڪي سگهن.[1]

## (6): بهتر اهي آهن جن کي دير سان ڪاوڙ اچي ۽ جلدي ختم ٿي وڃي

حضور انور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي:

اَلَا وَاِنَّ مِنْهُمُ الْبَطِيءَ الْغَضَبِ سَرِيْعَ الْفَيْءِ، وَمِنْهُمْ سَرِيْعَ الْغَضَبِ سَرِيْعَ الْفَيْءِ، فَتِلْكَ بِتِلْكَ، اَلَا وَاِنَّ مِنْهُمْ سَرِيْعَ الْغَضَبِ بَطِيْءَ الْفَيْءِ اَلَا وَ خَيْرُهُمْ بَطِيْءُ الْغَضَبِ سَرِيْعُ الْفَيْءِ اَلَا وَ شَرُّهُمْ سَرِيْعُ الْغَضَبِ بَطِيْءُ الْفَيْءِ

يعني ۽ آگاهہ ٿي وڃو تہ (ماڻهن ۾) ڪجهہ اُهي آهن جن کي دير سان ڪاوڙ ايندي آهي ۽ جلدي ختم ٿي ويندي آهي ۽ بعض کي جلدي ڪاوڙ ايندي آهي جلدي ختم ٿي ويندي آهي تہ هي ان جو بدلو آهي، ٻڌي وٺو! انهن مان ڪجهہ کي جلدي ڪاوڙ ايندي آهي دير سان ختم ٿيندي آهي، ٻڌي وٺو! انهن مان بهتر

[1] ... مرأة المناجيح، جلد:2 ،صفحہ:185۔

اهو آهي جن کي دير سان ڪاوڙ اچي ۽ جلدي ختم ٿي وڃي ۽ برا اهي آهن جن کي جلدي ڪاوڙ اچي دير سان ختم ٿي.[1]

## شيطان جو ٻال

حضرت وَهْب بن مُنَبِّه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ راهب پنهنجي عبادت گاهه ۾ عبادت ڪري رهيو هو. شيطان ان کي گمراهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر ناڪام رهيو، پوءِ ان راهب کي عبادت گاهه جو دروازو کولڻ جي لاءِ چيو پر راهب خاموش رهيو ته شيطان ان کي چيو: جيڪڏهن مان هليو ويس ته توکي افسوس ٿيندو. راهب وري به خاموش رهيو، ايستائين جو شيطان چيو: مان مسيح (يعني عيسيٰ عَلَيۡه السَّلَام) آهيان. راهب ان کي جواب ڏنو: جيڪڏهن تون مسيح (عَلَيۡه السَّلَام) آهين ته ڇا اوهان اسان کي عبادت ۾ ڪوشش ڪرڻ جو حڪم ناهي ڏنو؟ ۽ ڇا توهان اسان کان قيامت جو وعدو ناهي ڪيو؟ اڄ جيڪڏهن اوهان اسان وٽ ڪا بي شيءِ ڪٺي آيا آهيو ته اسان اوهان جي ڳالهه ڪيئن مڃون؟ ته بالآخر شيطان پاڻ ئي ٻڌائي ڇڏيو: مان شيطان آهيان ۽ توکي گمراهه ڪرڻ آيو هيس پر نه ڪري سگهيس. ان کان بعد شيطان راهب کي چيو: توهان مون کان جنهن شيءِ جي باري ۾ چاهيو سوال ڪري سگهو ٿا. ته راهب چيو: مان توکان ڪجهه به نٿو پڇڻ چاهيان. جڏهن شيطان منهن ڦيري وڃڻ لڳو ته راهب ان کي چيو: ڇا تون ٻُڌي رهيو آهين؟ ان چيو: ها! چونه. ته راهب ان کان پڇيو مون کي بني آدم جي انهن عادتن جي باري ۾ ٻڌايو جيڪي هنن جي خلاف تنهنجون مددگار آهن؟ شيطان چيو: اها ڪاوڙ آهي، انسان جڏهن ڪاوڙ ۾ هوندو آهي مان ان کي اهڙي طرح اُبتو سبتو ڪندو آهيان جيئن ٻار بال سان کيڏيندا آهن.[2]

---

[1] ... ترمذی ،کتاب الفتن ،باب ما اخبر النبی ...الخ،صفحہ:528،حدیث:

[2] ... الزواجر ،الکبیرة الثالثة :الغضب بالباطل و الحقد و الحسد،جلد:1،صفحہ:94 -95

## ڪاوڙ ڪرڻ جو ڪلب

هن دنيا ۾ بيوقوفن جي ڪمي ناهي، ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته هڪ خبر جي مطابق نيو يارڪ آمريڪا ۾ هڪ اهڙي ڊسٽرڪشن ڪلب جو آغاز ڪيو ويو آهي جنهن جو رڪن بڻجي اوهان مهانگيون ۽ قيمتي شيون ٽوڙي سگهو ٿا ۽ پنهنجي ڪاوڙ شاهاڻي انداز ۾ ڪڍي سگهو ٿا. هن انوکي سروس جي تحت اوهان مهانگيون گاڏيون، قيمتي ڪراڪري ۽ فرنيچر کان وٺي جديد ٽيڪنالوجي جون شيون جيئن ليپ ٽاپ ۽ ڪمپيوٽر تي به پنهنجي ڪاوڙ ڪڍي سگهو ٿا. صرف اهو ئي نه بلڪ اوهان کهڙي هٿيار سان انهن کي ٽوڙڻ چاهيو ٿا، ان جو به خصوصي انتظام آهي ۽ هتي توهان کي ڪهاڙي کان وٺي هٿوڙو تائين فراهم ڪيو ويندو. بس اوهان کي ڇا ٽوڙڻو آهي ۽ ڇا سان ٽوڙڻو آهي؟ ان جي لاءِ مطلوبه رقم ڏيو ۽ ان تي پنهنجي ڪاوڙ ڪڍو.[1]

## ڪاوڙ جي وقت جي دعا

مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشه رَضِیَ اللہُ عَنۡہا کي جڏهن ڪاوڙ ايندي هئي ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت عائشه رَضِیَ اللہُ عَنۡہا کي فرمائيندا هئا: هيئن چئو: اَللّٰهُمَّ رَبَّ مُحَمَّدٍ، اِغْفِرْ لِی ذَنْبِی، وَاَذْهِبْ غَيْظَ قَلْبِی، وَاَجِرْنِی مِنْ مُضِلَّاتِ الْفِتَنِ يعني اي الله! اي محمد جا ربّ! منهنجا گناهه بخشي ڇڏ ۽ منهنجي دل جي ڪاوڙ کي ختم فرماءِ ۽ مون کي گمراهه ڪرڻ واري ظاهري ۽ باطني فتنن کان محفوظ فرماءِ.[2]

## ڪاوڙ جي عادت ڪڍڻ جا ٻه وظيفا

(1) هلندي ڦرندي ڪڏهن ڪڏهن يَا اَللّٰهُ، يَارَحْمٰنُ، يَا رَحِيْمُ چئي ڇڏيندا ڪيو (2) هلندي ڦرندي يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِين پڙهندا رهو.

[1] ... جنگ آن لائن 4 جنورى2013ء
[2] ... عمل اليوم والليلة لابن السنى، باب ما يقول اذا غضب، صفحہ:203 ، حديث:456ملتقطاً۔

(ڪاوڙ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي غصي جو علاج جو مطالعو نهايت مفيد آهي)

## (7) بهترين شخص اُهو آهي جيڪو قرض چڱي طرح ادا ڪري

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِنَّ خِيَارَالنَّاسِ اَحْسَنُهُمْ قَضَاءً بهترين شخص اهو آهي جيڪو قرض چڱي طرح ادا ڪري.[1]

## خوش دلي کان قرض ادا ڪيو

مشهور مفسِر قرآن، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن مان ڪجهه مسئلا معلوم ٿيا هڪ هيءُ تہ جيڪڏهن مقروض بغير شرط لڳائي قرض کان ڪجهه وڌيڪ ڏئي ڇڏي وصف (مثلاً: کوٽو جي جڳهہ تي اصلي روپيو واپس ڪرڻ) جي زيادتي هجي يا تعداد (مثلاً: 30 روپئي جي بدران 40 روپيا واپس ڪرڻ) ۾ اهو وياج ناهي. وياج اهو آهي جيڪو قولاً يا عادتاً مشروط هجي. (مفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا:) ٻيو اهو تہ (مقروض) قرض خواهہ کي خوش دلي سان قرض ادا ڪري.[2]

## قرض چڱي نيت سان ادا ڪيو

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو ماڻهن جو مال قرض وٺي جنهن جي ادا ڪرڻ جو پڪو ارادو رکي تہ الله پاڪ ان کان ادا ڪرائي ڇڏي ٿو ۽ جيڪو ان کي برباد ڪرڻ جو اِرادو ڪري تہ الله پاڪ ان تي بربادي وجهي ڇڏي ٿو.[3]

---

[1] ... مسلم، كتاب المساقاة، باب من استسلف شيئا...الخ،صفحہ:622 ،حديث:1600۔

[2] ... مرآة المناجيح ، جلد:4 ،صفحہ:294

[3] ... بخارى، كتاب فى الاستقراض...الخ، باب من اخذ اموال الناس... الخ،صفحہ:615 ،حديث:2387

## نيڪ ماڻهو جو قرض ادا ٿي ئي ويندو آهي

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جنهن جي نيّت قرض وٺندي وقت ئي ادا ڪرڻ جي نہ هجي، پهريان کان ئي حق مارڻ جو ارادو هجي، اهڙو انسان بي ضرورت بہ قرض وٺندو آهي ۽ ناجائز طور تي بہ. مطلب تہ هيءَ حديث ڪيئي هدايتن تي مشتمل آهي ۽ تجربي مان ثابت آهي تہ **نيڪ انسان جو قرض ادا ٿي ئي ويندو آهي** چاهي حياتي ۾ پاڻ ئي ادا ڪري يا موت کان بعد ان جا وارث ادا ڪن جيئن تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رحلت کان بعد حضور جن جو قرض ادا ڪيو، زره ڇڏرائي، جيڪڏهن هي بہ نہ هجي تہ قيامت جي ڏينهن ربّ ڪريم اهڙي مقروض جو قرض ان جي قرض خواه کان معاف ڪرائي ڇڏيندو يا قرض خواه کي قرض جي عيوض جنت جون نعمتون بخشي ڇڏيندو، بهرحال حديث شريف واضح آهي. هن تي هي اعتراض ناهي تہ حضور انور، مديني جي تاجور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي قرض ڇو رهجي ويو هو، اهو ربّ ڪريم ڇونہ ادا ڪرايو تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ادا ڪرڻ ربّ ڪريم جي ئي طرفان هو.[1]

## قرض واپس ڪرڻ جو دلچسپ واقعو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بني اسرائيل جي هڪ شخص ٻي شخص کان هڪ هزار دينار اُڌار گهريا. ان چيو: توهان ڪنهن گواه کي وٺي اچو تہ جيئن اهو هن قرض تي گواه بڻجي. قرض گهرڻ واري چيو تہ الله جو گواه هجڻ ڪافي آهي. ٻي شخص چيو: پوءِ تون ڪنهن ڪفيل کي وٺي اچ، ان جواب ڏنو: الله پاڪ جو ڪفيل هجڻ ڪافي آهي. ان تي ٻي شخص چيو تہ تون سچ ٿو چئين، پوءِ اُن هڪ مقرر مدت تائين ان کي هڪ هزار دينار اُڌار

---

[1] ... مرآة المناجيح ، جلد:4، صفحہ:297۔

ڏئي ڇڏيا. قرض وٺڻ وارو شخص پنهنجي ڪم جي سلسلي ۾ دريائي سفر تي روانو ٿي ويو ۽ پنهنجو ڪم مڪمل ڪيائين. ان ڪان بعد ان ٻيڙي جي تلاش شروع ڪئي تہ جيئن وعدي جي مطابق وقت تي قرض ادا ڪري سگهي پر ڪا ٻيڙي نہ ملي. تڏهن ان هڪ (بانس) جي ڪاٺي کي خالي ڪري ان جي اندر هڪ هزار ۽ قرض خواهہ جو نالي هڪ پرچي لکي رکي ڇڏي ۽ ڪنهن شيءِ سان ڪاٺي جو وات بند ڪري ڇڏيو. پوءِ اهو ان ڪاٺي کي ڪٺي درياءَ تي آيو ۽ هي دعا ڪئي: اي الله پاڪ! توکي خوب علم آهي تہ مون فلاڻي شخص ڪان هڪ هزار دينار اُڌار ورتا هئا، ان مون ڪان ڪفيل جو مطالبو ڪيو تہ مون چيو: الله جو ڪفيل هجڻ ڪافي آهي، اهو تنهنجي ڪفالت تي راضي ٿي ويو ۽ اُن مون ڪان گواهہ آڻڻ جو مطالبو ڪيائين تہ مون چيو: الله پاڪ جو گواهہ هجڻ ڪافي آهي تہ اهو تنهنجي گواهي تي راضي ٿي ويو. مون ٻيڙي تلاش ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي تہ جيئن مان ان کي سندس رقم موٽائي ڏيان پر مان ان تي قادر نہ ٿيس ۽ هاڻي مان هي رقم واري ڪاٺي تنهنجي حفاظت ۾ ڏيان ٿو. پوءِ ان اها ڪاٺي درياءَ ۾ وجهي ڇڏي. اهو شخص اتان واپس موٽيو ۽ ان عرصي ۾ ٻيڙي تلاش ڪندو رهيو تہ جيئن پنهنجي گهر واپس وڃي سگهي. ٻي طرف قرض خواهہ بہ درياءَ وٽ آيو تہ شايد ڪا ٻيڙي سندس مال کڻي اچي رهي هجي. ايتري ۾ ان کي درياءَ جي ڪناري اها (بانس) جي ڪاٺي نظر آئي جنهن ۾ هڪ هزار دينار موجود هئا. ان ٻارڻ جي لاءِ اها ڪاٺي کڻي ورتي، جڏهن ان کي چيريائين تہ ان مان هڪ هزار دينا ۽ پيغام تي مشتمل هڪ پرچو مليس. ڪجهہ ڏينهن ڪان بعد قرض وٺڻ وارو شخص درياءَ پار ڪري آيو ۽ هڪ هزار دينار دينا کڻي چوڻ لڳو: الله جو قسم مان لاڳيتو ٻيڙي تلاش ڪندو رهيس تہ جيئن توهان جي رقم وقت تي پهچائي سگهان پر ان ڪان پهريان مون کي ٻيڙي ڪانہ ملي. قرض خواهہ ان ڪان پڇيو: ڇا تو منهنجي طرف ڪا شيءِ موڪلي هئي؟ مقروض جواب ڏنو: مان جنهن ٻيڙي

تي آيو آهيان ان ڪان پهريان مون ڪي ڪا ٻيڙي نہ ملي جنهن تي مان توهان وٽ اچان ها. قرض خواهہ چيو: بيشڪ الله پاڪ توهان جي اها رقم مون تائين پهچائي ڇڏي آهي جيڪا تو ڪاٺي ۾ رکي ڪري مون ڏي موڪلي هئي، جيئن تہ اهو شخص هڪ هزار دينار ڪٽي خوشي مان واپس هليو ويو.[1]

## (8) بهترين اهو آهي جيڪو پنهنجي گهرواري ءِ ٻارٻچن سان بهترين هجي.

رسول بي مثال، بيبي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: خَيْرُكُمْ خَيْرُكُمْ لِاَهْلِهٖ وَاَنَا خَيْرُكُمْ لِاَهْلِيْ يعني توهان مان بهترين اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ بهترين هجي ۽ مان پنهنجي گهر وارن جي لاءِ توهان سڀني کان ڀلو آهيان.[2]

## ڪو مؤمن پنهنجي گهر واريءَ کي دشمن نہ سمجهي

ڪو ڪنهن مؤمنہ گهر واريءَ کي دشمن نہ سمجهي جيڪڏهن ان جي ڪنهن عادت سان ناراض هجي تہ ٻي خصلت کان راضي ٿيندو.[3]

## بي عيب گهرواري ملڻ ناممڪن آهي

مشهور مفسِر قرآن، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: سُبْحٰنَ الله! ڇاتہ عمده تعليم آهي، مقصد هي آهي تہ بي عيب گهر اوري ملڻ ناممڪن آهي، لهٰذا گهر واريءَ ۾ هڪ ٻہ برائيون ٻہ هجن تہ ان کي برداشت ڪريو جو ڪجهہ خوبيون ٻہ ڏسندؤ. هتي (صاحب) مرقات فرمايو تہ جيڪو شخص بي عيب ساٿي جي تلاش ۾ رهندو

---

[1] ... بخارى، كتاب الكفالۃ، باب الكفالۃ فى القرض ...الخ،صفحہ:589،حديث:

[2] ... ترمذى، ابواب المناقب عن رسول اللہ ، باب فضل ازواج النبى، صفحہ:875، حديث:3898۔

[3] ... مسلم، كتاب الرضاع، باب الوصيۃبالنساء،صفحہ:556 ،حديث:1469

اهو دنيا ۾ اڪيلو ئي رهجي ويندو، اسان پاڻ هزارين برائين جو چشمو آهيون. هر دوست عزيز جي برائين کي درگذر ڪيو، چڱائين تي نظر رکو، ها اصلاح جي ڪوشش ڪيو، بي عيب ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.[1]

## بهترين انسان اهو آهي جنهن جي شر کان ماڻهو محفوظ رهن

رسول بي مثال، بيبي آمنه جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خِيَارُكُمْ مَن يُّؤْمَنُ شَرُّهٗ، وَ يُرْجٰى خَيْرُه يعني توهان مان بهترين انسان اهو آهي جنهن جي شر کان محفوظ رهيو وڃي ۽ ان کان ڀلائي جي اُميد رکي وڃي.[2] حضرت علامه عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڀلائي جا ڪم ڪندو هجي ايستائين جو ماڻهن ۾ انهي حوالي سان سڃاتو ويندو هجي انهي شخص سان ڀلائي جي اميد رکي ويندي آهي، جنهن جون ڀلايون وڌيڪ هجن ته دليون ان جي شر کان محفوظ ٿينديون، جڏهن انسان جي دل ۾ ايمان مضبوط ٿيندو آهي ته ان کان ڀلائي جي اميد رکي ويندي آهي ۽ ماڻهو ان جي برائي کان محفوظ ٿيندا آهن، جڏهن ايمان ڪمزور ٿيندو آهي ته ڀلائي گهٽ ٿي ويندي ۽ برائي غالب ٿي ويندي آهي.[3]

## جنهن جي شر کان ماڻهو محفوظ رهيا اهو جنت ۾ داخل ٿيندو

نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن پاڪيزه کاڌو کاڌو ۽ سُنت جي مطابق عمل ڪيو ۽ ماڻهو ان جي شر کان محفوظ رهيا اهو جنت ۾ داخل

---

[1] ... مرآة المناجيح ،جلد:5 ،صفحه:87.
[2] ... شُعَبُ الْايمان، جلد:7 ،صفحه:539،حديث:11267.
[3] ... فيض القدير، جلد:3 ،صفحه: 666 ،تحت الحديث:4113.

ٿيندو. هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اڄ اوهان جي اُمت ۾ اهڙا ماڻهو ڪافي آهن. تنهن تي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: عنقريب منهنجي ڪجهه صدين ڪان بعد به هوندا.[1]

## ناڪام شخص

حضرت عائشه رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا ڪان روايت آهي ته سرڪار مدينه، قرار قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اهو شخص ڪامياب نه ٿيندو جنهن جي عزت ماڻهو صرف سندس شر جي خوف سان ڪن.[2]

## (10) بهترين ماڻهن جون نشانيون

نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي:

خِيَارُ اُمَّتِي فِيمَا اَنۡبَأَنِي الۡمَلَاُ الۡاَعۡلٰى لَقَوۡمٌ يَضۡحَكُونَ جَهۡرًا فِي سَعَةِ رَحۡمَةِ رَبِّهِمۡ وَيَبۡكُونَ سِرًّا مِنۡ خَوۡفِ شِدَّةِ عَذَابِ رَبِّهِمۡ وَيَذۡكُرُونَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدَاةِ وَالۡعَشِيِّ

يعني ملائڪن جيڪو مون کي ٻڌايو ان جي مطابق منهنجي امت ۾ بهترين ماڻهو اهي آهن جيڪي الله پاڪ جي رحمت جي وسعت ڏسي ڪري ماڻهن جي سامهون خوب خوش ٿيندا آهن. الله پاڪ جي خوف جي شدت جي بنياد تي لڪي ڪري روئيندا ۽ صبح ۽ شام الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن.[3]

## الله پاڪ ڪان خوف ۽ اميد ڪهڙي هجڻ گهرجي.

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ پنهنجي شهزادي کي فرمايو: اي منهنجا پٽ! الله پاڪ ڪان اهڙي طرح خوف ڪر جو تنهنجي خيال

---

[1] ... ترمذی،ابواب صفة القيامة، صفحه:595، حديث:2520۔

[2] ... مسند اسحاق بن راهويه، جلد:2 ،صفحه:88۔

[3] ... شُعَبُ الْايمان، جلد:1 ،صفحه:478 ، حديث :765۔

۾ جيڪڏهن تون تمام زمين وارن جون نيڪيون بہ ان وٽ آڻين تہ اهو تو کان انهن کي قبول نہ ڪري ۽ الله پاڪ کان اميد اهڙي طرح رک جو تون سمجهين تہ جيڪڏهن تمام اهل زمين جون برايون بہ ان وٽ آڻين تہ اهو توکي بخشي ڇڏيندو.[1]

## فاروق اعظم جي اميد ۽ خوف

مسلمانن جا ٻيا خليفہ حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن آواز ڏنو وڃي تہ هڪ انسان کان علاوه سڀئي جهنم ۾ هليا وڃن تہ مون کي اُميد آهي تہ اهو (جهنم کان بچي وڃڻ وارو) انسان مان هوندس ۽ جيڪڏهن آواز ڏنو وڃي تہ هڪ انسان کان علاوه سڀئي ماڻهو جنت ۾ هليا وڃن تہ مون کي ڊپ آهي تہ ڪٿي اهو (يعني جنت ۾ نہ وڃڻ وارو) هڪ شخص مان نہ هجان.[2]

## بارگاهِ الٰهي تائين رسائي جون 2 خصلتون

حضرت قتاده رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ حضرت مُطَرّف بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اسان اڪثر حضرت زيد بن صوحان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ ويندا هئاسين هُو چوندا هئا: اي الله پاڪ جا ٻانهؤ! (هڪٻئي جي) عزت ڪيو ۽ چڱي سلوڪ کان پيش اچو چوتہ بارگاهِ الٰهي تائين رسائي جو ذريعو 2 خصلتون يعني خوف ۽ اُمّيد آهن.[3]

## مک جي مٿي برابر ڳوڙهي جي اهميت

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن مؤمن جي اکين مان الله تعاليٰ جي خوف مان ڳوڙهو نڪري ٿو، توڙي جو مک جي مٿي جي برابر هجي، پوءِ اهو

---

[1] ... احياء علوم الدين، كتاب الخوف والرجاء ،بيان ان الافضل ...الخ،جلد:4 ،صفحہ:201۔
[2] ... احياء علوم الدين، كتاب الخوف والرجاء، بيان ان الافضل ...الخ،جلد:4 ،صفحہ:201
[3] ... حلْيَةُ الْاَوْلِياء،جلد:2 ،صفحہ:233 ، رقم : 2047۔

ڳوڙهو ان جي چهري جي ظاهري حصّي تائين پهچي الله تعاليٰ ان کي جهنّم تي حَرام ڪري ڇڏيندو آهي.[1]

## خوفِ خدا سبب بيمار نظر ايندا هئا

منقول آهي تہ حضرت داؤد عَلَيه السَّلام کي ماڻهو بيمار خيال ڪندا هئا سندن عيادت ڪرڻ جي لاءِ ايندا هئا حالانڪ سندن هي حالت صرف خوفِ خدا جي سبب هوندي هئي.[2]

الله پاڪ اسان کي بہ خوفِ خدا جي نعمت نصيب فرمائي. ڪاش! اسان بہ معاشري جا بهترين انسان بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني جو عشق حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سا وابستہ ٿي وڃو، ۽ ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ(يعني مسلمانن کي نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ) پڻ آهي.

اي عاشقانِ رسول! مسلمانن کي فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ داؤدي آهي، مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنّتِ حيدري ۽ سنّتِ فاروقي آهي بهرحال مسلمانن جا ٻيان خليفا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نمازِ فجر جي لاءِ

---

[1] ... شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعاليٰ ، ۴۹۰/۱، حديث:۸۰۲

[2] ... منہاج القاصدين، كتاب الرجاء و الخوف،ذكر خوف الانبيا عليہم السلام، صفحہ:316

جاڳائيندي مسجد تشريف ڪڻي ايندا هئا. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## مديني جي حاضريءَ جي سعادت ملي وئي

پنجاب جي علائقي الٰہ آباد (ضلع قصور) جي رهڻ واري هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مان دعوتِ اسلاميءَ جي ديني ماحول سان وابسته ته هئس پر ديني ڪمن جي سلسلي ۾ سُستي جو شڪار هئس، هڪ ڏينهن ذميدار اسلامي ڀاءُ مونکي سمجهائيندي ديني ڪم ڪرڻ ۽ خاص طور فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري ديني ڪم جي خوب پابندي ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! منهنجو ذهن بڻجي ويو ۽ مان اڳئين ئي ڏينهن ان تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ شروع ڪيو، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو، قسمت جو تارو هيئن چمڪيو جو انهي سال مونکي مديني پاڪ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي وئي، ڪرم مٿان ڪرم هي ٿيو جو منهنجي وڏي ڀاءُ کي به حج جي سعادت نصيب ٿي وئي.

عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَاللّٰهُ!

ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول
تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج ۽ عمرو موبائل ايپليڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي به علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي

آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلاميءَ جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ جي طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنون جاري ٿي چڪيون آهن، انهن مان هڪ ايپليڪيشن آهي: hajj & umrah (حج ۽ عمره) بہ آهي. هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان حج ۽ عمري جو مختصر طريقو ❁ حج ۽ عمري جا ضروري شرعي مسئلا وغيره ڄاڻي سگهندؤ ❁ هن کان علاوه هن موبائل ايپليڪيشن ۾ حج ۽ عمري جون دعائون ❁ حرمين شريفين مُقدَّس مقامات جي معلومات وغيره پڻ شامل آهي ❁ هن موبائل ايپليڪيشن جو هڪ نهايت اهم فيچر هي آهي تہ هن ۾ ٿري ڊي وڊيوز (3D Videos) جي ذريعي حج ۽ عمري جو عملي طريقو بہ سيڪاريو ويو آهي. هن ايپليڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو، هن مان فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## دعا گهرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِن دعا مومن جو هٿيار آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! دعا گهرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي ❁ اسان جا پيارا آقا

[1] ... مشكاة الصابيح، ختايب الايمان، باب الاعتصام بالكتاب والسنة، الفصل الثانى، ١/٥٥، حديث :١٧٥
[2] ... مسند ابى يعلى، جلد:2، صفحه:123، حديث:1812ـ343

صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان دعائون گهرندا هئا ۞ ڪجھ مُحَدِّث سڳورن سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دُعائن جي حوالي سان پورا پورا ڪتاب لکيا آهن، مثال طور ماني کائڻ جي دُعا، پاڻي پيئڻ جي دُعا، سمهڻ وقت جي دُعا، ننڊ مان جاڳڻ وقت پڙهڻ جي دُعا، کير پيئڻ جي دُعا، ڪپڙو پائڻ جي دُعا. غرض اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزه مره جي ڪمن ڪان پهريان بہ دُعائون پڙهندا هئا ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا گهرندا ها:[1]

| | |
|---|---|
| رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۲۰۱﴾<br>(پاره:2،سورة البقرة:202) | ترجموڪنزُالعرفان: اي ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ بہ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ بہ ڀلائي ڏي. |

روز مره جون دُعائون سکڻ جي لاءِ مدني پنج سوره، صفحي: 182 کان 227. پڙهو، مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو ڪتاب 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو　　ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... بخاری، کتاب:الدعوات، صفحہ:1574، حدیث:6389۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455